

ويب ايڊيشن

شوال المكرم/ ذوالقعده 1445ھ/ مئي 2024ء

# ماہنامہ فيضانِ مدينہ

دعوتِ اسلامي

مضمون:

# نيڪي ڇا آهي؟

اسان جي پياري ۽ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: كُلُّ مَعْرُوفٍ صَدَقَةٌ يعني هر نيڪي صدقو آهي. (بخاري، 105/4، حديث: 6021)

توهان ”نيڪي“ جو لفظ ضرور ٻڌو هوندو، اڄ اسان توهان کي ٻڌائينداسين تہ نيڪي ڇا کي چئبو آهي؟ نيڪي ڇا هوندي آهي. نيڪي کي عربي زبان ۾ معروف چوندا آهن. شرح طيبي ۾ آهي تہ: هر اهو عمل نيڪي آهي جنهن سان الله پاڪ جي فرمانبرداري ۽ قرب حاصل ٿئي. يعني نيڪي اهڙو چڱو عمل آهي جو جڏهن ماڻهو ان کي ڏسن تہ ان جي نيڪي هئڻ جو انڪار نہ ڪن. مثال طور ماڻهن سان سٺو سلوڪ ڪرڻ ۽ عاجزي سان ملڻ وغيره. يعني هر چڱي ڪم جو ثواب مال صدقو ڪرڻ واري جي ثواب وانگر آهي. (الديباج للسيوطی،ج3، ص77، تحت الحديث: 1005)

پيارا ٻارو! هن تفصيل جي مطابق نيڪيءَ جي معنيٰ و مفهوم تمام وسيع آهي، ان ڪري جيڪڏهن اسان ڪوشش ڪيون تہ ڪيترائي نيڪي جا ڪم ڪري اسان صدقي جو ثواب حاصل ڪري سگهون ٿا. ڪوڙ آسان نيڪيون ڪري اسان پنهنجي رب کي راضي ڪري سگهون ٿا. اسان توهان کي ڪجھ اهڙا چڱا ڪم ٻڌايون ٿا جن تي عمل ڪري توهان صدقي جو ثواب حاصل ڪري سگهو ٿا. مثال طور، جڏهن توهان ڪنهن سان ملو تہ مسڪرائي سٺي انداز ۾ ملاقات ڪيو ائين ئي ڪمزور ۽ پوڙهن ماڻهن جي مدد ڪرڻ، ڪنهن نابين کي رستو ڏيکارڻ يا ان کي روڊ پار ڪرائڻ، گھر جي ڪم ڪار ۾ پنهنجي ماءُ پيڻ جي مدد ڪرڻ وغيره. پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ جي خدمت ڪرڻ، انهن جا هٿ پير دٻائڻ، اهڙي طرح جا جيڪي بہ چڱا ڪم آهن اهي سڀ نيڪي ئي جا ڪم آهن ۽ سيني ٻارن کي ڪرڻ گهرجن، جڏهن اوهان نيڪيون ڪندؤ تہ الله پاڪ راضي ٿيندو ۽ جنت ملندي. ان شآءَ الله

الله پاڪ اسان کي نيڪي جا ڪم ڪندي رهڻ ۽ گناهن کان بچندي رهڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّين صلی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلم

مولانا محمد جاويد عطاري مدني





# اسلام ۽ تعليم

مولانا عبدالعزيز عطاري مدني

## (1) هنرمند افراد پيدا ڪيو

هڪ بهترين ۽ چڱي معاشري جي لاءِ هنرمند ماڻهن جو هجڻ به ضروري آهي ته جيئن هُو پنهنجي پيرن تي بيهي سگهن، بي روزگاري جو خاتمو ٿي، تجارتي ۽ صنعتي سرگرميون عام ٿين، نيون نيون ايجادون وجود ۾ اچن، ملڪ ۾ ايندڙ ۽ ملڪ کان ويندڙ شين (امپورٽ ايڪسپورٽ) ۾ اضافو ٿي، معيشت مضبوط ٿي، هرخاندان خود ڪفيل ٿي ۽ معاشرو خوشحال ٿي وڃي. هنر جي پذيرائي: رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: نيڪ مَردن جو ڪم ڪپڙا سبڻ ۽ نيڪ عورتن جو ڪم سُٽ ڪَتڻ آهي.[1]

## (2) اهلِ فن کان رجوع ۽ ڪنهن هڪ فن ۾ مهارت

هر شخص پنهنجي زندگي ۾ مختلف قسم جا علوم ۽ فنون سکندو آهي پر ان جو قلبي رجحان ۽ دلچسپي ڪنهن هڪ جي طرف هوندي آهي ۽ اُن کي انهيءَ ۾ اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته جيئن هن فن ۾ ماهر ٿي وڃي ۽ ماڻهن جي هن ۾ راهنمائي ڪري سگهي، حضرت سيّدنا عمرفاروق اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمايو: جيڪو شخص قرآن مجيد جي باري ۾ پڇڻ چاهي ته اهو حضرت ابي بن ڪعب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان پڇي، جيڪو فرائض جي باري ۾ پڇڻ چاهي اهو زيد بن ثابت کان پڇي ۽ جيڪو فقه جي باري ۾ پڇڻ چاهي اهو حضرت معاذ بن جبل رَضِیَ اللهُ عَنْهم کان پڇي ۽ جيڪو مال جي ڏيڻ وٺڻ جي باري ۾ پڇڻ چاهي اهو مون وٽ اچي.[2]

## (3) علم جي حصول ۽ پختگي ۾ مددگار انداز

سوال ڪرڻ جو طريقيڪار: حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا ته جڏهن اسان رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان ڪنهن شيءِ جي متعلق سوال ڪرڻ چاهيندا هئاسين ته حضرت علي، حضرت سلمان يا حضرت ثابت

بن معاذ رضي الله عنهم کي چوندا هئاسين چوته هي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ کان سوال ڪرڻ جو حوصلو رکندا هئا.[3]

سبق ياد ڪرڻ جو طريقو: حضرت علقمه رضي الله عنه فرمائن ٿا حديث جو تڪرار ڪندا ڪيو چوته ان جو دوام تڪرار ڪرڻ ئي ۾ آهي.[4]

سبق جا نوٽس به ٺاهڻ گهرجن: حضرت زيد بن ثابت رضي الله عنه فرمائن ٿا ته اسان حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ وٽ چمڙي تي قرآنِ مجيد لکندا هئاسين.[5]

## (4) فڪرِ معاش کان آزاد رهي ڪري علم حاصل ڪيو:

### حصولِ علم جي لاءِ بهترين شخص

وڌيڪ بهتر انداز سان اهو شخص علم حاصل ڪري سگهي ٿو جنهن کي علم حاصل ڪرڻ جو شوق هجي ۽ اهو گهريلو ۽ معاشي ذميدارين کان آزاد ٿي ڪري اطمينان سان علم حاصل ڪري. نه ته جيڪو شخص ذميدارين ۽ فڪرِ معاش جي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ لڳل رهندو آهي ته ان جي تعليم ۾ حرج لازمي ايندو آهي ۽ بيا ان تي برتري ڪڍي ويندا آهن جيئن ته حضرت ابو هريره رضي الله عنه فرمائن ٿا ماڻهو چوندا آهن ڇا سبب آهي جو مهاجرين ۽ انصار حضرت ابو هريره رضي الله عنه جيان ڪثرت سان حديثون بيان نٿا ڪن؟ مان توهان کي ٻڌايان ٿو ته ان جو ڇا سبب آهي؟ اسان جا مهاجر ڀائر بازارن ۾ پنهنجي ڪاروبار ۾ لڳل رهندا ۽ انصاري ڀائر پنهنجي زمين جي سارسنڀال ۾ مصروف رهندا هئا. مان محتاج انسان هيس منهنجو سمورو وقت نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ گذرندو هو جنهن وقت اهي موجود نه هوندا هئا ته مان موجود هوندو هيس ۽ جن شين کي اهي وساري ڇڏيندا هئا مان محفوظ ڪري وٺندو هيس. هڪ ڏينهن رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جيڪو شخص پنهنجو ڪپڙو وڇائي ڇڏيندو اهو مون کان ٻڌل حديث کي ڪڏهن نه وساريندو. مون پنهنجو ڪپڙو وڇايو ايستائين جو پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي حديث مڪمل ڪئي، پوءِ مون ان ڪپڙي کي پاڻ سان چنبڙائي ڇڏيو، ان کان بعد حضرت ابو هريره رضي الله عنه ٻڌل ڳالهه ڪڏهن نه وساري.[6]

## (5) علم جي اشاعت لاءِ تصنيفي خدمتون

علم کي عام ڪرڻ ۽ دوام بخشڻ جو هڪ بهترين ذريعو تصنيف به آهي جو ڪتاب جي ذريعي علم رهندي دنيا تائين محفوظ ٿي ويندو آهي، ڪتاب دنيا جي مختلف خطن ۾ ڦهلجي ويندي آهي، ماڻهن جي رسائي علم تائين آسان ٿي ويندي آهي، مصنف جي وڃڻ کان بعد به ان جون خدمتون باقي رهنديون آهن، ماڻهو ان مان فائدو وٺندا رهندا آهن، ڪتاب وڌيڪ تحقيقات جي لاءِ مددگار ثابت ٿيندي آهي.

جيئن ته اسلام ۾ سيني کان پهريان ابن جريج رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ڪتاب مڪي شريف ۾

تصنيف ٿي پوءِ يمن ۾ حضرت معمر بن راشد صنعاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ڪتاب تصنيف ٿي پوءِ مدينہ طيّبہ ۾ حضرت امام مالڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي موطا تصنيف ٿي پوءِ حضرت سفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ڪتاب جامع تصنيف ٿي.[7]

## (6) عوام جي مسئلن جي راهنمائي جو اهتمام

علم جو هڪ مقصد هي بہ آهي تہ مسئلن ۽ معاملن ۾ ماڻهن جي شرعي راهنمائي ڪئي وڃي ۽ انهن جي شرعي مسئلن کي شرعي تقاضن جي مطابق حل ڪيو وڃي انهن جي لاءِ دارالافتاء قائم ڪيو وڃي ۽ ان ۾ بهترين مفتي سڳورن جو انتخاب ڪيو وڃي جيئن تہ حضرت سيّدنا ابوبڪر صديق، حضرت سيدنا عمر فاروق، حضرت سيدنا عثمان غني، حضرت سيّدنا عليُّ المرتضيٰ رَضِيَ اللهُ عَنْهم حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حياتِ طيّبہ ۾ فتويٰ ڏيندا هئا.[8]

الله ڪريم اسان کي علمِ دين حاصل ڪرڻ، اُن تي عمل ڪرڻ ۽ ان کي ٻين تائين پهچائڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

(1) تاریخ ابن عساکر، 36/199

(2) کنز العمال، 2/237، حدیث: 11634 ملخصاً

(3) الاصابة، 1/535

(4) دارمی، 1/156، حدیث: 603

(5) شعب الایمان، 2/432، حدیث: 2311

(6) شعب الایمان، 2/432، حدیث: 2311

(7) احیاء العلوم، 1/112 ملخصاً

(8) تاریخ الخلفاء، ص 39۔

# اسلامي ڀينرز جا شرعي مسئلا

مفتي ابو محمد علي اصغر عطاري مدني

**هنج ورتل ٻار سان حرمت وارو رشتو ڪيئن قائم ٿئي؟**

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته وڏي ڀاءُ نندي ڀاءُ کان ٻار هنج ورتو، ٻار ٻن سالن کان ننڍو آهي، هاڻي وڏي ڀاءُ جي زال ان هنج ورتل ٻار کي پنهنجي ڀيڻ جي ٿڃ پيارڻ چاهي ٿي. اوهان کان معلوم اهو ڪرڻو آهي ته ڇا ان صورت ۾ ٻار هنج وٺڻ واري عورت جو ان ٻار سان حرمت وارو رشتو قائم ٿي ويندو.؟

بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

جي ها! پڇيا ڪيل صورت ۾ ٻار هنج وٺڻ واري عورت جو ان ٻار سان حرمت وارو رشتو قائم ٿي ويندو، ڇو ته اها عورت ان ٻار جي رضاعي(ٿڃ شريڪ) ماسي ٿي ويندي ۽ رضاعي ماسي به اهڙيءَ ئي طرح حرام هوندي آهي جهڙيءَ طرح نسبي(خانداني) ماسي حرام هوندي آهي جو جيڪي رشتا نسب کان حرام هوندا آهن اهي ئي رشتا رضاعت سان به حرام ٿي ويندا آهن.

البت هي مسئلو ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي ته جيتوڻيڪ اڍائي سالن جي اندر ٿڃ پيارڻ سان به حُرمتِ رضاعت ثابت ٿي ويندي آهي، پر عورت جو ٻن سالن جي عمر کان بعد ٻار کي کير پيارڻ ناجائز ۽ حرام آهي. لهذا عورت ٻار کي کير پيارڻ ۾ هن ڳالهه جو خيال ضرور رکي.

بخاري شريف ۾ رضاعت جي حرمت جي باري ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان ڪجهه هيئن آهي: الرضاعة تحرم ما تحرم الولادة- يعني جيڪي عورتون نسبي رشتي جي ڪري حرام ٿي وينديون آهن ان نوعيت جون عورتون رضاعت سان به حرام

ٿي وينديون آهن. (بخاری،764/2- رد المحتار مع الدر المختار،393/4-فتاوی رضویہ، 516/11، 517 ملتقطاً-بہار شریعت،34/2)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## نماز جي سنتن جي دوران ناپاڪي جا ڏينهن اچي ويا ته نماز جو حڪم

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته هي مسئلو فقه جي ڪتابن ۾ لکيل آهي ته نفل نماز جي دوران ماهواري اچي وئي ته اها نماز فاسد ٿي وئي ۽ بعد ۾ پاڪي جي ڏينهن ۾ هن نفل نماز جي قضا ڪرڻي پوندي. سوال هي آهي ته انهن نفل نمازن ۾، سنتون به شامل آهن يا نه؟ شرعي رهنمائي فرمايو.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

پڇيل صورت جي مطابق جهڙي طرح نفل ادا ڪندي وقت ماهواري شروع ٿي وڃي ته نفل جي ٻيهر قضا ڪرڻ پاڪي جي ڏينهن ۾ ضروري هوندو آهي، اهڙيءَ طرح سنتون ادا ڪندي وقت به جڏهن حيض(ماهواري) اچي وڃي ته ان سان سنتون فاسد ٿي وينديون ۽ انهن جي به قضا ڪرڻ لازمي هوندي، ڇو ته نفل شروع ڪرڻ سان واجب ٿي ويا هئا سنتن جو به اهو ئي معاملو آهي. -(رد المحتار علی الدر المختار،574/2-تبیین الحقائق،234/1-بہارِ شریعت،456/1)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# ٿورو ڪاڌو پورو ٿي ويو

مولانا سيد عمران اختر عطاري مدني

سڀ کان آخري نبي مکي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا معجزا نہ صرف ماڻهن کي اسلام سان جوڙڻ يا ايمان جي قوت کي وڌائڻ ئي جو ذريعو نہ هئا بلڪ نازڪ حالتن ۾ انهن کي هلاڪ ڪندڙ مشڪلاتن کان نجات بہ ڏياريندا هئا.

جيئن تہ حضرت اياس بن سلمہ پنهنجي والد کان روايت ڪن ٿا تہ اسان رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ هڪ جنگ ۾ وياسين تہ اتي اسان کي تنگي پيش آئي ايستائين جو اسان پنهنجين ڪجهہ سوارين کي ذبح ڪرڻ چاهيو، پر پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي حڪم ڏنو تہ اسان پنهنجي سفر جي سامان(ڪاڌي) کي گڏ ڪيون، پوءِ هڪ چمڙي جو دسترخوان وڇايو ويو جنهن تي سيني جو کائڻ وارو سامان جمع ڪيو ويو. راوي چوي ٿو تہ مون چمڙي جي هن ٽڪري کي ماپيو تہ منهنجي اندازي موجب اهو هڪ ٻڪري جي ويهڻ جي جڳهہ جي برابر هو جڏهن تہ اسان جي لشڪر ۾ چوڏهن سؤ ماڻهو هئا، اسان سيني ان مان کاڌو ايستائين جو اسان سير ٿي وياسين. پوءِ اسان پنهنجي ڪاڌن وارن ٿيلن کي ڀري ورتو. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ڇا وضو جو پاڻي آهي؟ هڪ شخص ڪؤنري ۾ ٿورو پاڻي کڻي آيو، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان پاڻي کي هڪ پيالي ۾ وجهي ڇڏيو ۽ اسان سيني ان مان چڱيءَ طرح وضو ڪيو. (مسلم، ص 737، حديث: 4518)



**سبحان الله!** هي اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو معجزو هو جو 1400 ماڻهن لاءِ ٿورو ڪاڏو ڪافي ٿي ويو ڇو ته هڪ ٻڪري زمين تي ويهي ڪري جيتري جاءِ گهيريندي آهي ايتري جڳهه تي جيڪڏهن ڪاڏو رکيل هجي ته شايد اهو ڪاڏو ڏهه يا پندرهن ماڻهن لاءِ ڪافي ٿيندو يا وڌ ۾ وڌ پنجويهه يا ٽيهه ماڻهو ئي کائي سگهندا، پر ايتري ٿوري ڪاڌي مان 1400 ماڻهن جو پيٽ ڀرجي وڃڻ ۽ انهن سڀني جي وضو لاءِ به هڪ ٿانءَ جو ٿورو پاڻي گهٽ نه ٿيڻ اسان جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي معجزي ئي جو ڪمال آهي.

هن واقعي مان ڪجهه ڳالهيون سکڻ جي لاءِ مليون:

- عام حالتن ۾ به ۽ خاص طور تي مشڪل وقت ۾ الڳ الڳ ٿيڻ بدران اتحاد ڪرڻ نهايت فائدي مند هوندو آهي.
- مشڪلات جو اهڙو عارضي حل اختيار ڪرڻ سنو ناهي جو مسئلو ختم ٿيڻ بدران ڪجهه وقت لاءِ ٽري وڃي ۽ پوءِ وري اُڀري اچي.
- مشڪل وقت ۾ سواري جهڙي اهم ترين شين جي حفاظت ڪرڻ گهرجي ۽ انتهائي سخت مجبوري جي بغير انهن کي ضايع نه ڪرڻ گهرجي
- جيڪڏهن توهان وٽ ڪنهن معاملي ۾ بهتر تجويز آهي ته توهان کي همدردي سان ٻين کي به پيش ڪرڻ گهرجي.
- ڪنهن جي سٺي صلاح کي اپنائڻ توهان کي مصيبت کان بچائي سگهي ٿو.

* سنگين ۽ نازڪ لمحن ۾ حواس کي قابو ۾ رکي وقت ۽ حالتن جي مطابق بروقت صحيح فيصلي ڪرڻ جي پرک رکڻ گهرجي.

قسط: 06

# ڳوٺاڻن جا سوال ۽ رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا جواب

مولانا محمد عدنان چشتي عطاري مدني

مڪي شريف ۽ مديني منوره جي آسپاس ننڍيون ننڍيون وسنديون، قبيلا، ڳوٺ آباد هئا، انهن مان ڪجھ ڳوٺ ويجهو ۽ ڪجھ پري واقع هئا. انهن ۾ رهڻ وارا ماڻهو اسان جي پياري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ حاضر ٿيندا هئا، پنهنجا مسئلا مسائل ۽ مشڪلاتون حل ڪرائڻ جي لاءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان سوال ڪندا هئا، انهن مان 19 سوال ۽ انهن جا جواب پنج قسطن ۾ بيان ٿي چڪا آهن، هتي وڌيڪ 3 سوال ۽ الله پاڪ جي آخري نبي محمدِ عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا جواب ذڪر ڪيا ويا آهن:

## ڇا علاج ڪرائڻ منع آهي؟

حضرت اُسامہ بن شريڪ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا مان رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيس تہ اُتي صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ ايئن موجود هئا كَاَنَّمَا عَلٰى رُءُوسِهِمُ الطَّيْرُ جيئن انهن جي مٿن تي پکي ويٺا هجن. حضرت اُسامہ فرمائن ٿا: فَسَلَّمْتُ عَلَيْهِ وَقَعَدْتُ تہ مون نبيِّ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي سلام ڪيو ۽ ويهي رهيس. فَجَاءَتِ الْاَعْرَابُ فَسَاَلُوْهُ انهيءَ وقت ڪجھ ڳوٺاڻا آيا ۽ رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان سوالات ڪرڻ لڳا. انهن چيو: يَارَسُوْلَ اللّٰهِ نَتَدَاوٰى؟ يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڇا اسان(علاج جي لاءِ) دواءِ وٺون؟ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: نَعَمْ تَدَاوَوْا فَاِنَّ اللّٰهَ لَمْ يَضَعْ دَاءً



اِلَّا وَضَعَ لَهُ دَوَاءً غَيْرَ دَاءٍ وَاحِدٍ اَلْهَرَمُ هائو! دواء ونو، بيشڪ الله ڪريم ڪا اهڙي بيماري ناهي رکي جنهن جو علاج نہ هجي سواءِ هڪ بيماري جي اها آهي پوڙهائپ. جڏهن حضرت أسامہ رَضِیَ اللهُ عَنْه پوڙها ٿي ويا تہ چوندا هئا: هَلْ تَرَوْنَ لِي مِنْ دَوَاءٍ اَلْآنَ يعني چا هاڻي توهان کي منهنجي لاءِ ڪا دواء ملي سگهي ٿي؟ پوءِ اُن اچڻ وارن رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ڪجهہ شين جي باري ۾ سوال ڪيا تہ چا فلاڻي فلاڻي شيءِ ۾ اسان تي ڪو حرج آهي؟ تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: عِبَادَ اللهِ وَضَعَ اللهُ اَلْحَرَجَ اِلَّا امْرَأً اقْتَرَضَ امْرَأً مُسْلِمًا ظُلْمًا اي الله جا ٻانهؤ! الله (پاڪ) حرج کي ختم فرمائي ڇڏيو آهي سواءِ ان انسان جي جيڪو ڪنهن مسلمان کان ظلم طور قرض وٺندو آهي جو هي گناہ ۽ هلاڪت جو سبب آهي، انهن پڇيو: مَا خَيْرُ مَا اُعْطِيَ النَّاسُ يَارَسُوْلَ اللهِ يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! انسان کي سيني کان بهترين ڪهڙي شيءِ ڏني وئي آهي؟ نبيّ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: خُلُقٌ حَسَنٌ حسنِ اخلاق.(1)

هن حديث پاڪ ۾ موجود الفاظ اِقْتَرَضَ امْرَأً مُسْلِمًا ظُلْمًا مان مراد هي آهي تہ ڪو انسان پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي غيبت ڪري، ان کي گار ڏي، يا تڪليف پڄائي تہ ان سان هن جي پڇا ڳاڇا ٿيندي. هن کي قرض سان ان ڪري تعبير ڪيو ويو آهي جو هي اُن کي موٽائي ڏنو ويندو يعني آخرت ۾ اُن کي هن جي سزا ڏني ويندي.(2)

صحيح ابن حبان ۾ انهيءَ صحابي کان هيئن روايت آهي تہ جڏهن مان رسول الله جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيس تہ اعرابي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان سوال ڪري رهيا هئا: يَا رَسُوْلَ اللهِ هَلْ عَلَيْنَا جُنَاحٌ فِي كَذَا مَرَّتَيْنِ؟ يارسول الله چا اسان تي فلاڻي معاملي ۾ ڪو حرج آهي؟ هي انهن ٻيهر پڇيو تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: عباد الله وَضَعَ الله الحرج اِلَّا امْرُؤٌ اقْتَرَضَ مِنْ عِرْضِ اَخِيهِ شَيْئًا فَذٰلِكَ الَّذِي حَرِجَ يعني اي الله جا ٻانهؤ! الله ڪريم حرج کي ڪٽي ڇڏيو آهي سواءِ اُن انسان جي تہ جيڪو پنهنجي ڀاءُ جي عزّت ۾ ٿوري شيءِ بہ اُڌاري وٺي(يعني ان کي ٿورو بہ بي عزت ڪري) سو هي حرج آهي الخ.(3)

جنت ۾ وٺي ويندڙ عمل سيکاريو: حضرت براء بن عازب کان روايت آهي تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ هڪ اعرابي حاضر ٿيو ۽ سوال ڪيو: يَارَسُوْلَ اللهِ عَلِّمْنِي عَمَلًا يُدْخِلُنِي الْجَنَّةَ يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڪو اهڙو عمل سيکاريو جيڪو مون کي جنت ۾ داخل ڪرائي ڇڏي؟ نبيّ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو ڳالهہ تہ تو مختصر چئي آهي پر سوال تمام وڏو پڇيو اٿئي. فرمايائون: اَعْتِقِ النَّسَمَةَ وَفُكَّ الرَّقَبَةَ يعني عِتقِ نسمہ ۽ فڪِّ رَقبہ ڪندو ڪر. اعرابي پڇيو: يَا رَسُوْلَ اللهِ اَوَلَيْسَتَا بِوَاحِدَةٍ

يعني يارسول الله! ڇا هي ٻئي هڪ ٿي ناهن؟ (ان ڪري جو ٻنهي جي معنيٰ آهي: غلام آزاد ڪرڻ) رسول الله فرمايو: نه، اِنَّ عِتْقَ النَّسَمَةِ اَنْ تَفَرَّدَ بِعِتْقِهَا عتق نسمه مان مراد هي آهي ته توهان اڪيلي پورو غلام آزاد ڪيو وَفَكَّ الرَّقَبَةِ اَنْ تُعِينَ فِي عِتْقِهَا ۽ فڪ رقبه جو مطلب آهي ته غلام جي آزادي ۾(رقم جي ادائيگي وغيره سان) مدد ڪيو. وڌيڪ کير ڏيڻ واري جانور جو صدقو ڪيو، ظلم ڪرڻ واري ويجهي رشتيدار تي احسان ڪيو، فَاِنْ لَّمْ تُطِقْ ذٰلِكَ فَاَطْعِمِ الْجَائِعَ وَاسْقِ الظَّمْآنَ وَاْمُرْ بِالْمَعْرُوْفِ وَانْهَ عَنِ الْمُنْكَرِ يعني جيڪڏهن توهان ۾ ان جي طاقت نه هجي ته بکايل کي کاڌو کارايو، پياسي کي پاڻي پياريو، نيڪي جو حڪم ڏيو ۽ برائي کان منع ڪيو، فَاِنْ لَّمْ تُطِقْ ذٰلِكَ فَكُفَّ لِسَانَكَ اِلَّا مِنَ الْخَيْرِ يعني جيڪڏهن هي به نه ڪري سگهو ته پنهنجي زبان کي ڀلائي کان سواءِ بند رکو.[4]

## ڇا مُحرِم خوشبو لڳائي؟

حضرت يعلٰي بن اُمَيه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه کان روايت آهي فرمائن ٿا: جَاءَ اَعْرَابِيٌّ اِلٰى رَسُوْلِ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَعَلَيْهِ جُبَّةٌ وَعَلَيْهِ رَدْعٌ مِنْ زَعْفَرَانٍ هڪ پيرو هڪ ڳوٺ جو رهڻ وارو ماڻهو رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيو، ان هڪ اهڙو جبو پائي رکيو هو جنهن تي زعفران جا داغ هئا. ان اچي پڇيو: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اوهان ڏسي رهيا آهيو ته مون احرام ٻڌي ڇڏيو آهي ۽ ماڻهو منهنجو مذاق اڏائي رهيا آهن، رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! ان کي ٿوري دير کو جواب نه ڏنو پوءِ سڏي ڪري فرمايو: اِخْلَعْ عَنْكَ هٰذِهِ الْجُبَّةَ هي جبّو لاهي ڇڏيو وَاغْسِلْ عَنْكَ هٰذَا الزَّعْفَرَانَ جيڪا زعفران جي خوشبو لڳائي رکي آهي ان کي ڌوئي ڇڏيو، وَاصْنَعْ فِي عُمْرَتِكَ كَمَا تَصْنَعُ فِي حَجِّكَ ۽ پنهنجي عمري جا ارڪان انهيءَ طرح ادا ڪيو، جهڙي طرح حج جا ارڪان ادا ڪندا آهيو.[5]

خوب ياد رکو! جنهن احرام پائي ڪري نيت ڪئي ان جي لاءِ خوشبو لڳائڻ جائز ناهي.

رفيق الحرمين ۾ آهي: نيّت کان پهريان احرام تي خوشبو لڳائڻ سنّت آهي، بيشڪ لڳايو پر لڳائڻ کان پوءِ عطر جي شيشي بيلٽ جي کيسي ۾ نه رکو. نه ته نيت کان پوءِ کيسي ۾ هٿ وجهڻ جي صورت ۾ خوشبو لڳي سگهي ٿي. جيڪڏهن هٿ ۾ ايترو عطر لڳي ويو جو ڏسڻ وارا چون ته ”وڌيڪ آهي“ ته دم واجب ٿيندو ۽ جيڪڏهن گهٽ چون ته صدقو. جيڪڏهن عطر جي تري وغيره ناهي لڳي هٿ ۾ صرف خوشبو اچي پئي ته کو ڪفارو ناهي. بيگ ۾ به رکڻو هجي ته ڪنهن ٿيلهي وغيره ۾ ويڙهي خوب احتياط سان رکو.[6]

---

(1) مسند احمد، 30/394، حديث:18454

(2) حاشيہ مسند احمد، 30/397

(3) صحيح ابن حبان، 13/426، حديث:6061 مختصراً

(4) مسند احمد، 30/600، حديث:18647

(5) مسند احمد، 29/480، حديث:17963

(6) رفيق الحرمين، ص30۔

# رعايا جا حق

محمد هارون عطاري

(درجءِ سادسہ جامعة المدينہ فيضانِ فاروق اعظم ساڌوڪي لاهور)

ڪنهن بہ ملڪ يا بادشاهت جو نظام رعايا ۽ حڪمرانن سان ملي ڪري هلندو آهي ۽ دينِ اسلام حڪمرانن کي رعايا سان سٺو سلوڪ ڪرڻ جي تاڪيد ڪري ٿو جيئن تہ حڪمرانن کي رعايا جو خيال رکڻ ۽ انهن جي وچ ۾ صحيح فيصلا ڪرڻ لازم آهي چاڪاڻ تہ حضرت سيدنا هشام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ بيان ڪن ٿا تہ حضرت ڪعب الاحبار رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ جيڪڏهن حڪمران نيڪ هجن تہ ماڻهو بہ نيڪ ٿي ويندا آهن ۽ جيڪڏهن حڪمران برا هجن تہ ماڻهو بہ بگڙجي ويندا آهن. (الله والوں کی باتیں، 491/5) تنهنڪري حاڪم کي پنهنجي رعايا سان سٺو سلوڪ ڪرڻ گهرجي تہ جيئن سماج ۾ امن ۽ سلامتي رهي. اچو! رعايا جا 5 حق پڙهو:

(1) رعايا تي سختي ۽ تنگي نہ ڪرڻ: حضرت ابو موسيٰ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ رسول الله صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن پنهنجن ڪجھ اصحابن کي پنهنجي ڪمن لاءِ موڪليندا هئا تہ فرمائيندا هئا تہ خوشخبريون ڏيو بيزار نہ ڪيو ۽ آساني ڪيو ۽ سختي ۽ تنگي نہ ڪيو. (مسلم، ص739، حديث: 4525)

(2) رعايا جي ضرورت ۽ حاجت کي پورو ڪرڻ: حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمايو تہ: مون رسول الله صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ارشاد فرمائيندي ٻڌو تہ: ”جنهن کي الله پاڪ مسلمانن جي ڪنهن شيءِ جو حاڪم ۽ والي بڻائي پوءِ اهو مسلمان جي حاجت ۽ ضرورت ۽ محتاجي جي سامهون حجاب ڪري(هن طرح جو مظلومن، محتاجن کي پاڻ تائين پهچڻ نہ ڏي) تہ الله پاڪ ان جي حاجت ۽ ضرورت ۽ محتاجي جي سامهون اوٽ فرمائي ڇڏيندو بهرحال حضرت معاويہ ماڻهن جي حاجت تي هڪ ماڻهو مقرر فرمائي ڇڏيو. (مراۃ المناجیح، 373/5)

(3) رعايا جي وچ ۾ صحيح فيصلو ڪرڻ: رسول الله صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جڏهن ڪو حاڪم اجتهاد(خوب غور فڪر) سان ڪو فيصلو ڪري ۽ اهو فيصلو صحيح هجي تہ ان لاءِ ٻہ اجر آهن ۽ جيڪڏهن اهو اجتهاد سان فيصلو ڪري ۽ ان ۾ غلطي ڪري ويهي تڏهن بہ ان لاءِ هڪ اجر آهي. (فيضانِ فاروق اعظم،337/2)

(4) رعايا تي ظلم نہ ڪرڻ: رسول الله صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ قاضيءَ سان الله پاڪ گڏ هوندو آهي جيستائين هو ظلم نہ ڪري پوءِ جڏهن هو ظلم ڪندو آهي تہ ان کان الگ ٿي ويندو آهي ۽ شيطان ان سان چنمبڙي ويندو آهي.(مراۃ المناجیح، 382/5)

(5) رعايا جي خبر گيري: حضرت يحيٰ بن عبدالله اوزاعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ دفعي اميرالمومنين حضرت فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ

رات جي اونداهي ۾ پنهنجي گهر کان ٻاهر نڪتا ۽ هڪ گهر ۾ داخل ٿيا، پوءِ ٿوري دير کان بعد اتان کان نڪتا ۽ ٻئي گهر ۾ داخل ٿيا حضرت طلحہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ اهو سڀ ڪجهہ ڏسي رهيا هئا سو صبح جڏهن پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ ان گهر ۾ وڃي ڏٺو تہ هڪ نابينا ۽ اپاهج پوڙهي ڪي ڏٺو ۽ انهن کان پڇيو ان ماڻهوءَ جو ڇا معاملو آهي جيڪو توهان وٽ ايندو آهي پوڙهي جواب ڏنو اهو ايتري عرصي کان منهنجي خبرگيري ڪري رهيو آهي ۽ منهنجي گهر جي ڪم ڪار کان علاوه منهنجي گندگي بہ صاف ڪندو آهي حضرت طلحه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ پنهنجو پاڻ کي مخاطب ڪندي فرمايائون تہ اي طلحہ تنهنجي ماءُ تو تي روئي ڇا تون اميرالمومنين عمر فاروق رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ جي نقشِ قدم تي نٿو هلي سگهين.

(اللہ والوں کی باتیں، 116/1، 117)

# حضرت عبيد الله بن عباس رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا

مولانا اويس يامين عطاري مدني

قارئينِ ڪرام! حضرت عُبيدالله بن عباس رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا ڪي بہ ننڍپڻ ۾ ئي صحابيءِ رسول هئڻ جو شرف مليو آهي. اچو! پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي ننڍپڻ جي باري ۾ پڙهون ٿا.

**مختصر تعارف:** پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ حضرت عباس ۽ حضرت اُمّ فضل لُبابہ رضي الله عنهما جا فرزند، حضورانور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا پائٽيا ۽ اُمّ المومنين حضرت ميمونہ رضي الله عنها جا ڀاڻيجا آهن. سندن ولاد هجرتِ مدينہ کان 2 سال پهريان مڪي پاڪ ۾ ٿي، پاڻ پنهنجي ڀاءُ حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا کان هڪ سال ننڍا ها. (1)

**حضور اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو خاندانِ عباس سان محبت جو هڪ انداز:**

آلِ عباس رَضِیَ اللہُ عَنْہ تي حضور اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون نوازشون بيان ڪندي حضرت عبدالله بن حارث فرمائن ٿا تہ حضور اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت عباس جي فرزندن عبدالله، عُبيدالله ۽ ڪثير کي هڪ لائن ۾ بيهاريندا ۽ فرمائيندا هئا: جيڪو پهريان مون وٽ ايندو، ان کي هي هي ملندو. اهي نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي طرف ڊوڙندا ايندا هئا، ڪو پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پٺي جي طرف ايندو هو تہ ڪو پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سيني جي طرف ايندو هو، پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انهن سان پيار ڪندا ۽ ڳلي سان لائيندا هئا(2)

**حضوراڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي پٺيان سوار فرمايو:** هڪ موقعي تي حضور اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي پنهنجي پٺيان سوار ڪيو ان حسين ۽ يادگار موقعي تي جيڪو واقعو پيش آيو ان کي بيان ڪندي پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ بيان ڪن ٿا تہ مان سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! جي پٺيان سواري تي ويٺو هئس، هڪ شخص رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وٽ آيو ۽ پنهنجي ماءُ جي حوالي سان حج جي باري ۾ سوال ڪندي پڇيو: يارسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منهنجي والده تمام گهڻي پوڙهي ٿي وئي آهي، جيڏهن مان ان کي سواري تي



سوار ڪرايان ٿو تہ اها سواري تي صحيح ويهي نٿي سگهي رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ ان کي حڪم ڏنو تہ هو پنهنجي پوڙهي ماءُ جي طرفان حج ڪري. (3)

**روايتِ حديث:** پاڻ رَضِىَ اللّٰهُ عَنْه ڪان حديثون بہ مروي آهن.(4)

وصال: رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي ظاهري وفات جي وقت سندن عمر 12 سال هئي،(5) 60 سالن جي عمر ۾ 58ھ ۾ مديني پاڪ ۾ وفات ماڻي. (6)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ

(1)الاستيعاب فى معرفة الاصحاب، 131/3

(1)مسند احمد، 459/1، حديث: 1835

(1)ديکهئے:التاريخ الکبير المعروف تاريخ ابن ابى خيثمہ، ص412، رقم:1482

(1)الاستيعاب فى معرفة الاصحاب، 131/3

(1)اصابہ فى تمييز الصحابہ، 331/4

(1)الاستيعاب فى معرفة الاصحاب، 131/3

# قيامت جي ڏينهن نور ڏيارڻ واريون نيڪيون

مولانا محمد نواز عطاري مدني

الله پاڪ جي آخري نبي محمدِ عربي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: (قيامت جي ڏينهن ايمان وارن کي سندن عملن جي مطابق نور عطا ڪيو ويندو، انهن مان ڪن کي وڏي جبل جي مثل نور عطا ڪيو ويندو، جيڪو انهن جي اڳيان ڊڪندو هوندو، ڪن کي ان کان گهٽ نور عطا ڪيو ويندو، ڪن کي سندن ساڄي هٿ ۾ ڪجور جي مثل نور عطا ڪيو ويندو ۽ ڪن کي ان کان به گهٽ، ايستائين جو انهن مان هڪ شخص کي سندن پيرن جي آڱوٺي تي نور عطا ڪيو ويندو، ڪڏهن اهو چمڪڻ لڳندو ۽ ڪڏهن وسامي ويندو. جڏهن اهو چمڪندو ته هي قدم وڌائيندي هلندو ۽ جڏهن وسامي ويندو ته هي بيهي رهندو. ۽ پلصراط تان به اهي پنهنجي نور جي مطابق گذرندا. انهن مان ڪجھ اک ڇنڀ جي دير ۾ گذري ويندا، ڪجھ بجلي چمڪڻ جيان گذري ويندا، ڪجھ ڪڪرن جيان گذري ويندا، ڪجھ تارا ٽٽڻ جيان گذري ويندا، ڪجھ هوا جيان گذري ويندا، ۽ ڪجھ تيز گهوڙي جيان گذري ويندا، ۽ جنهن شخص جي قدمن جي آڱوٺي تي نور عطا ڪيو ويندو اهو پنهنجي چهري، هٿن ۽ پيرن تي گهلجندي گذرندو، هڪ پير کي گهليندو ته ٻيو لٽڪي پوندو. ان جي آسپاس باھ پهچي ويندي، اهو انهيءَ طرح هلندو رهندو ايستائين جو نجات ماڻي ويندو. [1] اي عاشقانِ رسول! قيامت جي ڏينهن نور حاصل ڪرڻ جي لاءِ اڳتي بيان ڪيون ويندڙ نيڪين تي ثواب جي نيت سان عمل ڪيو، 10 فرامينِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم:

(1): **هر پٿريءَ جي عيوض نور**: (دورانِ حج منيٰ جي مقام تي) توهان جو شيطان کي مارڻ جي لاءِ پٿريون اڇلڻ قيامت جي ڏينهن توهان جي لاءِ نور هوندو. [2]

(2) **هر وار جي بدلي نور**: (حج جي رڪنن جي ادائيگي کان پوءِ) ”حاجي جڏهن پنهنجو مٿو ڪوڙائيندو آهي ته ان جي مٿي تان ڪرڻ واري هر وار جي بدلي قيامت جي ڏينهن ان جي لاءِ هڪ نور هوندو.“ [3] الله پاڪ هر عاشق رسول کي باربار حج جي سعادت نصيب فرمائي ۽ ذڪر ڪيل بئي نيڪيون ثواب جي نيت سان ڪرڻ جي به توفيق عطا فرمائي.

(3) **وضو جي برڪت سان وضو وارن عضون تي نور**: ”منهنجي اُمت قيامت جي



ڏينهن ڳُهرائي ويندي، انهن جون پيشانيون ۽ هٿ پير وضو جي اَثر(يعني وضو جي برڪت) سان سفيد ۽ چمڪندا هوندا، توهان مان جيڪو سفيديءَ ۽ چمڪ ۾ اضافي جي استطاعت رکندو هجي ته ان کي گهرجي ته اهو (ايئن ڪري).“ [4] هن حديثِ مبارڪ جي حوالي سان اعلىٰ حضرت شاه امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه لکن ٿا: يعني منهنجي اُمَّت جا چهرا ۽ چارئي هٿ پير قيامت جي ڏينهن وضو جي نور سان روشن هوندا ته توهان مان جنهن کان ٿي سگهي اُن کي گهرجي ته پنهنجي اُن نور کي وڌيڪ ڪري يعني چهري جي اطراف ۾ جيڪي حدون شرعي طور مقرر آهن انهن کان ڪجهه وڌيڪ ڌوئي ۽ هٿ اڌ ٻانهن ۽ پير اڌ پيڊي تائين ڌوئي.[5]

(4) **مسلمان جي پريشاني دور ڪرڻ جي عيوض نور:** ”جنهن ڪنهن مسلمان جي هڪ پريشاني دور ڪئي ته الله پاڪ قيامت جي ڏينهن ان جي لاءِ پلصراط تي نور جون اهڙيون 2 شاخون بڻائيندو جنهن جي روشني سان ايترا ته جهان روشن ٿيندا جن کي الله پاڪ کان سواءِ ڪو شمار نٿو ڪري سگهي.“ [6]

محترم قارئين! جيڪو دنيا ۾ ڪنهن جي هڪ پريشاني پري ڪندو الله پاڪ قيامت جي ڏينهن ان جي هڪ پريشاني پري فرمائيندو، پريشان حال تنگدست قرضدار کي وڌيڪ مهلت ڏيڻ ۽ مقروض جي قرض ۾ ڪمي ڪرڻ واري کي الله پاڪ قيامت جي پريشانين کان نجات عطا فرمائيندو، پڻ قرض معاف ڪرڻ وارن کي ته قيامت جي ڏينهن الله پاڪ پنهنجي عرش جي سايي ۾ جڳهه عطا فرمائيندو. [7]

(5)**عمامي جي هر وَر تي هڪ نيڪي ۽ هڪ نور:** ”عمامي جي هر وَر تي جيڪو مسلمان پنهنجي مٿي تي ڏيندو، قيامت جي ڏينهن ان کي نور عطا ڪيو ويندو“ [8]

اي عاشقانِ رسول! عمامي سان گڏ ٻه رڪعتون نماز پڙهڻ بغير عمامي جي ستر 70 رڪعتن کان افضل آهن. [9] عمامي ۾ پڙهيل نماز ڏهه هزار نيڪين جي برابر آهي. [10] عمامو شريف ٻڌڻ سان سيني جي ڪشادگي حاصل ٿيندي آهي ۽ بردباري نصيب ٿيندي آهي. [11] عماما نه صرف عربن جا تاج آهن بلڪ تمام مسلمانن جا تاج آهن، لهٰذا اسان مسلمانن کي گهرجي ته عمامو ٻڌڻ ۾ پنهنجي عزت ۽ آبرو سمجهون ۽ عمامو ٻڌڻ تي هميشگي اختيار ڪيون.[12]

(6) **اسلام جي حالت ۾ پوڙهو ٿيڻ جي سبب نور:** ”جيڪو شخص اسلام ۾ پوڙهو ٿئي، ته اهو ان جي لاءِ قيامت جي ڏينهن نور ٿيندو.“ [13]يعني اچي ڏاڙهي واري مؤمن جي لاءِ قيامت ۾ نور هوندو جو ان جي اچي ڏاڙهي نوراني هوندي يا نور جو باعث ٿيندي اُن ڏينهن ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جي ڏاڙهي

کان سواءِ ڪنهن جي ڏاڙهي نہ هوندي پر هي اڇي ڏاڙهي چهري جي نور جو سبب هوندي. (14)

(7) ”جيڪو الله پاڪ جي راهہ ۾ پوڙهو ٿيو، ان جي لاءِ قيامت جي ڏينهن نور هوندو.“ (15)

حضرت علي، حضرت سلمہ بن اَڪْوَع، حضرت اُبي بن ڪعب ۽ ڪوڙ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْه ڪڏهن خضاب نہ لڳايو، پنهنجي ڏاڙهي ۾ مٿو اڇو رکيو، اهي فرمائيندا هئا تہ اڇي ڏاڙهي نور ۽ درجات جو سبب ٿيندي. (16)

(8) **درود پاڪ پڙهڻ جي عيوض نور:** توهان پنهنجي مجلسن کي مون تي درودِ پاڪ پڙهي سينگاريو، بيشڪ توهان جو مون تي درود پڙهڻ قيامت واري ڏينهن توهان جي لاءِ نور ٿيندو. (17)

(9) جيڪو شَخص جمعي جي ڏينهن مون تي سؤ (100) ڀيرا دُرُودِ پاڪ پڙهندو، اهو قيامت جي ڏينهن هن حالت ۾ ايندو تہ ان سان گڏ هڪ اهڙو نُور هوندو جو جيڪڏهن اهو سڄي مخلوق ۾ ورهايو وڃي تہ سيني جي لاءِ ڪافي ٿي وڃي. (18)

(10) مون تي درود پاڪ پڙهڻ قيامت جي ڏينهن پلصراط جي انڌيري جي وقت نور ٿيندو. (19)

اي عاشقانِ رسول! درود پاڪ پڙهڻ سان الله پاڪ جي حڪم جي تعميل ٿيندي، نيڪيون ملنديون، رحمتون نازل ٿينديون، گناهہ مٽجندا ۽ درجا بلند ٿيندا آهن. درود پاڪ پڙهڻ قيامت جي ڏينهن نبيِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شفاعت جي حصول جو سبب ۽ پلصراط تي ثابت قدمي ۽ سلامتي سان گذرڻ جو باعث آهي. درود پاڪ پڙهڻ گناهن کي جلد مٽائي ڇڏيندو آهي جو پاڻي بہ باهہ کي ايترو جلدي ناهي وسائيندو، درود شريف پڙهڻ واري جو هي اعزاز بہ آهي تہ الله پاڪ جي آخري نبي محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهہ بيڪس پناهہ ۾ ان جو نالو ۽ سندس پيءُ جو نالو پيش ڪيو ويندو آهي. لھٰذا نور واري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي ڪثرت سان درود شريف پڙهندا رهو.

الله پاڪ اسان کي اُنهن تمام نيڪين تي عمل جي توفيق عطا فرمائي ڪري قيامت جي ڏينهن ان جي بدلي نور بہ عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

(1)معجم کبیر، 358/9،حدیث:9763ملتقطاً
(2)مجمع الزوائد،3 /575، حدیث:5588
(3)صحیح ابن حبا ن ،181/3،حدیث:1884
(4)بخاری ،71/1، حدیث:136،نزھۃ القاری،501/1
(5)فتاوی رضویہ،848/1
(6)معجم اوسط،254/3،حدیث:4504
(7)ترمذی،52/3ـ373، حدیث:1310ـ1937
(8)کنزالعمال، 8/ 132، حدیث:41126
(9)جامع صغیر،ص273،حدیث: 4468
(10)فردوس الاخبار،31/2،حدیث: 3621
(11)فیض القدیر، 709/1،تحت الحدیث:1142
(12)عمامہ کے فضائل،ص81
(13)ترمذی، 237/3، حدیث:1640
(14)مرآۃ المناجیح،169/6
(15)ترمذی، 237/3، حدیث:1641
(16)مرآۃ المناجیح،169/6
(17)الجامع الصغیر ،ص280، حدیث :4580
(18)حلیۃ الاولیاء، 49/8، حدیث:11341
(19)افضل الصلات علی سید السادات، الفصل الرابع، ص27



## سوچ جو روحاني علاج

جيڪڏهن بدن جي ڪنهن جاءِ تي سوچ ٿي وئي هجي ته 67 پيرا ”لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ“ لکي ڪري (يا لکرائي) ڪري پاڻ وٽ رکو يا تعويذ ناهي ان کي پائي ڇڏيو انشآءَ الله سوچ ختم ٿي ويندي.

(بيمار عابد،ص 37)




## تري جي بيماري جو روحاني علاج

سورت رحمٰن هن سورت کي لکي ڪري ۽ ڌوئي ڪري ڌُحال(تري جي بيماري) جي مريض کي پيارڻ نهايت فائديمند آهي.

(مدني پنج سوره،ص 95)



## سٺو رشتو ملڻ جي لآءِ

جن ڇوڪرين جي شادي نه ٿيندي هجي يا مڱڻي ٿي ٽٽي ويندي هجي اهي فجر جي نماز کان بعد يَاذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام 312 پيرا پڙهي ڪري پنهنجي لاءِ نيڪ رشتو ملڻ جي دعا ڪن، ان شاءالله جلدي شادي ٿي ويندي ۽ مڙس به نيڪ ملندو.(مينڊڪ سوار بڇهو،ص23)



## يرقان کان حفاظت جو تعويذ

سُوْرَةُ الْبَيِّنَه لکي ڪري تعويذ ناهي ڳلي ۾ پارائي ڇڏيو ان شاءالله يرقان هليو ويندو.

# شادين ۾ فضول خرچي ۽ اسراف

شادي واري ڏينهن روڊ، رستا، گاڏين، موٽر ڪارن، شاميانن ۽ شادي هالن تي هزارين روپيا خرچ ڪيا ويندا آهن. ڳائڻ وڄائڻ تي هزارين روپيا اڇليا ويندا آهن. ضرورت کان وڌيڪ دعوتي ڪارڊ ڇپرايا ويندا آهن جيڪي فضول خرچي آهي. ڪيترن جانورن کي ضرورت کان وڌيڪ ذبح ڪيو ويندو آهي، وري پيٽ دوران دسترخوانن ۽ گِلمن ۽ ٽيبلن تي بيدردي سان کاڌو ڪيرايو ويندو آهي، کاڌي جي دوران هڏين سان گڏ ٻوٽي ۽ مصالحو بلڪل به صاف نه ڪيو ويندو آهي. گرم مصالحي سان گڏ به کاڌي جا ڪيترائي اجزا ضايع ٿي ويندا آهن، ماڻهو اَڌ ٻوٽي کائي اڇلائي ڇڏيندا آهن، ٿالهن ۾ بچيل ٿورو کاڌو موجود هوندي به پيو وننندا آهن ۽ ان مان ٻوٽيون ٻوٽيون ڪڍي زمين تي ڦٽي ڪري وري پيو وننندا آهن، ٿالهن ۽ ديڳين ۾ بچيل رَس اڪثر ماڻهو استعمال ناهن ڪندا، اهڙي طرح تمام گهڻو بچيل کاڌو عام طور تي هارجي يا ڪچري جي ڍير جي حوالي ڪيو ويندو آهي، (گهرن ۾ بچيل غذائي ذرا اڇلائڻ بدران ڍڳين، ٻڪرين، جهرڪين، ڪڪڙين يا ٻلين وغيره کي کارائي بي ادبي ۽ اسراف جي گناهه کان بچي سگهجي ٿو ) افسوس! هڪ طرف کاڌي جي بي حرمتي ۽ ٻي طرف اسراف ۽ فضول خرچي ڪئي ويندي آهي. الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

اِنَّ الۡمُبَذِّرِيۡنَ كَانُوۡۤا اِخۡوَانَ الشَّيٰطِيۡنِ (بني اسرائيل:27)

بيشڪ فضول خرچ ڪرڻ وارا شيطان جا ڀائر آهن.

يقين ڄاڻو، مهانگائي، بي برڪتي ۽ سُڃائيءَ جو هڪ تمام وڏو سبب غير ضروري خرچ به آهن.